مشتاق علي لغاري

# شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ جتن ۽ مهاڻن جي زندگيءَ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو سماجياتي مطالعو

(ٺٽي ضلعي جي سامونڊي پٽيءَ تي ڪيل مطالعاتي تحقيق)

***Abstract***

**A Sociological Study of life and Patterns & Socio–Economic Problems of Jat and Fishermen Communities described in Poetry of Shah Latif**

*Jat and Fishermen are main communities of Indus Delta. Fishing and camel breeding are their main source of income. There are three main favourable factors which enabled them to settle on the creeks and on the coast close to the channels of Indus river. Firstly the flow of sea water and tidal ebb and monsoon rain give rise to the mangrove growth which provides food and fodder for their camel and fuel for them. Secondly numerous tidal creeks: where water is always available. The last advantage is to receive fresh water. Those are three permanent factors for settlements and hundred fishing villages consists of Huts, mosque made with local resources water, mud, ropes and wooden sticks are in abundance. This study contains the patterns of their settlements and socio - Economic problem faced by them and solutions suggested .*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## جت ۽ مهاڻا:

ٺٽي ضلعي جي ساحلي علائقي ۾ صدين ڪان جت ۽ مهاڻا آباد آهن. جتن جو گذران مالوندي: گهڻو ڪري اُٺ چارڻ، زراعت ۽ مڇيءَ جي ڌنڌي تي آهي، جڏهن تہ مهاڻن جي روزگار جو ذريعو فقط مڇيءَ يا ان سان لاڳاپيل ڪارڪرت تي آهي. ان ڪان علاوه تمر جا ٻيلا (Mangrove Forests) پڻ هنن ٻنهي قبيلن لاءِ قوت گذران يا جياپي

جو ذريعو آهن، پر هن علائقي جي زندگيءَ جو سمورو دارومدار منڇر ۽ تازي پاڻيءَ تي آهي، جنهن جو ذريعو سنڌو درياهہ ۽ برسات آهي.

## سنڌو درياهہ:

هيءُ درياهہ مانسرور مان نڪري جبلن ۽ ميدانن مان وهندو 1800 ميلن کان بہ وڌيڪ مفاصلو طئہ ڪري ساري سنڌ کي سيراب ڪندو، ڏکڻ ۾ ضلعي ٺٽي مان ٿيندو سمنڊ ۾ اچي ڇوڙ ڪري ٿو. سنڌ سنڌو درياهہ جو سنڌين کي ڏنل تحفو آهي ۽ ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن وارو ڪڇو ۽ انڊس ڊيلٽا بہ ان ئي سنڌو درياهہ جا ڏنل بي بها تحفا آهن. صدين کان وهندي هن پنهنجا وهڪرا پئي بدلايا آهن. ٻي عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري سنڌو درياهہ جا ست ڦاٽ :

(1) سگاپا Sagapa، (2) سنٿون Sinthon، (3) ڪرائيسون Chrysoan، (4) چيري برون Charipbron، (5) سپارا Sapara، (6) سبليسا Sablaessa، (7) لوڻي بيئر Loni bare. (1)

ماضيءَ ۾ پراڻ، ڦِٽو، گُونگڙو، پڄاري، بگھاڙ ۽ گھارو درياهہ جون اهم ڇاڙهون هيون. هاڻوڪي دور 2010ع واري آبڪلاڻي دوران درياهہ مُٺڙي نارِ(ڪريڪ)، ڦَاٽِ نارِ (ڪريڪ) ۽ روڙو نارِ (ڪريڪ) کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيو. موجوده سنڌ ۾ درياهہ جي ڊيگھہ اندازاً 1528.8 ڪلوميٽر آهي، مٿس ٽي بئراج: گڊو بئراج، سکر بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج اڏيل آهن. جن جي ڪئنالن ذريعي سنڌ ۾ زراعت ٿئي ٿي، جن جي ڊيگھہ 6211 ميل آهي. انڊس ڊيلٽا جي سموري حيوانات ۽ نباتات (Flora & Fauna) جو دارو مدار بہ ان ئي سنڌو درياهہ جي مٺي پاڻيءَ تي آهي.

## سنڌ درياهہ جو دو آبي وارو حصو (انڊس ڊيلٽا):

سنڌو ندي صدين کان جبلن مان لٽ ڪٽي ايندي رهي آهي. اها لٽ پاڻيءَ سان گڏ سمنڊ ۾ وڃي ٿي، پر ان جو ڳچ مقدار درياهہ جي ڇوڙن وٽ گڏ ٿيندو رهي ٿو. انڊس ڊيلٽا بہ ان لٽ مان ٺهيل قدرت جو سنڌ کي ڏنل هڪ بي بها تحفو ۽ يڪتا ڊيلٽا آهي. ڪراچيءَ کان سيرنار (ڪريڪ) تائين ان جي ڊيگھہ 356 ڪلوميٽر ۽ ويڪر اٽڪل 80 ڪلوميٽر آهي. انڊس ڊيلٽا 24.13 ۽ 23.25 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 68.48 ۽ 67.14

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اوپر ٻگهائي ڦاڪ تي واقع آهي، جنهن جي ايراضي 600,000 هيڪٽرز آهي

1930-31 ع کان 39-1938ع تائين جي ڪيل رڪارڊ مطابق ”ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي گهٽ ۾ گهٽ 17568 ڪيوسڪس ۽ وڌ ۾ وڌ وهڪرو 885165 ڪيوسڪس رهيو ۽ ندي پاڻ سان 1,000,000 ٽن سلٽ روزانه گڏ ڪٽي ايندي رهي.“(2). سنڌ کان مٿي 3 وڏا ڊيم، 14 بئراج، 13 هيڊ ورڪس ۽ 41 ڪئنال تعمير ٿيڻ ۽ ٻين مختلف سببن ڪري پاڻي نه اچڻ ڪري لٽ اچڻ بند ٿي وئي ۽ نتيجي طور سنڌ جي ٺٽي ۽ بدين ضلعن جي پنج لک ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي ويو. ان کان علاوه ڪيٽي بندر ۽ ڪاري ڇاڻ جا اهي علائقا جتي وڏي تعداد ۾ رتڙيو چانور ٿيندو هو ۽ ڪيلن ۽ ڪجين جا باغ هئا، اُهي هاڻي ساموندي ڪيٽين ۽ ڪلراٺن پوٺن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. جنهن درياهه لاءِ شاهه عبدالطيف ڀٽائي رحہ چيو هو :

دهشت دم درياءَ ۾، جت لڙ لهريون لس ليٽ،

**سهڻي 9/2**

دهشت دم درياءَ ۾ جت ڪنن جا ڪڙڪا،
سهي ڪين سمونڊ جا ماندي دل دڙڪا،
ساهڙ تون سڻ ڪا، فريادي فقير جي!

**سهڻي 7/2**

دهشت دم درياءَ ۾ جت جايون جانارن
نڪو سنڌو سير جو، مپ نه ملاحن

**سهڻي 11/2**

(شاهه جو رسالو، گربخشاڻي، سُر سهڻي، 2008ع، ص:166)

اهڙو دهشت وارو عظيم درياهه ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سڪل نظر ايندو آهي.

## سنڌو درياهه جي ڪاڌين جو سرشتو/نظام (ڪريڪ سسٽم):

انڊس ڊيلٽا کي پنهنجو هڪ عاليشان ڪريڪ سسٽم آهي. ڪارين جو هي نظام قدرتي طور هڪ اهڙو ڄار (نيٽ ورڪ) وڇايل آهي جو انهن مان ڪي سمنڊ مان سڌو پاڻي ڪٽن ٿيون ته ڪي کارو يا مٺو پاڻي هڪ ڪريڪ کان ٻي ڪريڪ تائين پهچائين ٿيون، انهن ڪريڪس تي جتن ۽ مهاڻن جا ڳوٺ آباد آهن. اُهي ڪاريون انهن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڳوناٽن لاءِ وڏيون ڪارائتيون آهن. انهن مان مڇي بہ ماري وڃي ٿي، تہ سمنڊ ڏانهن اچڻ وڃڻ جي رستي طور پڻ استعمال ڪيون وڃن ٿيون. انهن جي ڪنڌيءَ وارن ٻيٽارين تي اُٺ ۽ ٻيو مال چاريو ويجي ٿو.

ڪريڪ کي مقامي طور ڪاڏي يا ڪاري، درياھ، نار يا ڍوري جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو، پر مهاڻن وٽ ڪريڪ لاءِ عام طور درياھ جو لفظ استعمال ٿئي ٿو. انڊس ڊيلٽا ڪي سترهن وڏيون ڪريڪس ۽ سوين ننڍيون ڪريڪس آهن، جن جي ڪنڌين تي جتن ۽ مهاڻن جون پڪيون ۽ ڪچيون وسنديون آباد آهن. انهن ڪارين جا نالا جيڪي اسان پنهنجي ريسرچ ٽوئر دوران نوٽ ڪيا هي آهن: گذري ڪريڪ، ڪورنگي ڪريڪ، جَهري ڪريڪ، ڦِٽي ڪريڪ، پُسٽي ڪريڪ، رتو ڪوٺ وارو ڍورو، ڪيڏاريو ڪريڪ، گانگيرو ڪريڪ، گهارو ڪريڪ، چارا ڪريڪ، عيسارو ڪريڪ، چاڻ وڏو ڪريڪ، وڏي ڪَڏِي ڪريڪ، ننڍي ڪَڏِي ڪريڪ، راهو ڪريڪ، پٿارو ڪريڪ، تُسٽي ڪريڪ، ڪاراٽي ڪريڪ، ڪَل ڪريڪ، پئٽياٽي ڪريڪ، دبو ڪريڪ، سيسا ڪريڪ، ريچل ڪريڪ، چاڻِ ڪريڪ، جاکي بندر ڪريڪ، ڪاهي ڪريڪ، ڪانٽو ڪريڪ، سوداگر ڪريڪ، سنائي ڪريڪ، گوڏي واري ڪريڪ، پاتار ڪريڪ، دراڙ ڪريڪ، انبرا ڪريڪ، سَوپَ ڪريڪ، سَرڙ ڪريڪ، جوهو ڪريڪ، پوري ڪريڪ، حجامڙو ڪريڪ، اوچتو ڪريڪ، حيدري ڪريڪ، حسين واھ، جِهڀ ڪريڪ، اونڌار ڪريڪ، ڪوٽن واري ڪريڪ، ڪٿورو ڪريڪ، تُرچاڻ ڪريڪ، ڪوبر ڪريڪ، پوري ڪريڪ (2)، ڪيدي واري ڪريڪ، وٽو ڪريڪ ، ناوڙي وارو ڍورو، گهوڙو نار، ڄار وارو ڍورو، ڄنگھ ڪريڪ، ميرواھ، روڙهو ڪريڪ، سليمان ڍورو، مٽٽي ڪريڪ، ڦات، پچار ڪريڪ، مل ڪريڪ، ويهان ڍورو، شڪرانو ڍورو، لنياري ڪريڪ، سنهڙي ڪريڪ، واهڻ ڪريڪ، نانگ واري ڪريڪ، مرگھ وارو، رئيسن وارو، مُلون ڪريڪ، اڏياري ڪريڪ، ڪيٽي ڪريڪ، ڏوُڏاتي ڪريڪ، باغ واري، امن واھ، واڙي ڪريڪ. جاکي ڪريڪ، گسر ڪريڪ، پنجوڙ ڪريڪ، لڪيارو ڪريڪ، ڪاڙڪ ڪريڪ، ڪاجهر ڪريڪ، ڪاجهر ننڍو ڪريڪ، پڪار ڪريڪ، سِير ڪريڪ، ڪوري ڪريڪ . مٿين ڪان علاوه ڪجھ ننڍيون، وڏيون نارون ۽ ڍورا بہ ساموندي سفر دوران ناڪئن نوٽ ڪرايا، جيڪي هي آهن: نانگو ڪريڪ، بگهاڙ ڪريڪ، پِنان وارو ڍورو، چنڪي ڪريڪ، ٻبي وارو ڍورو، واهڻ ڍورو، چتون ڍورو، ڪارِي چوڙ ڍورو،

بگھاڙ ڍورو، گدڙ وارو ڍورو، ٻيٺارو، سولي ڪريڪ، جوڳيئڙا ڪريڪ، ڪچار، وٽيون ٻنيور، ڏُري، واچڙي وارو ڍورو، ڪپور، ملوڪ شاھ جو جھور، ڇُٽڻ شاھ ڍورو، منهان ٻارو، بابو، ھڏن واري دوھو، ٻيڙي وارو ڍورو، ٻاٺ، ٻير وارو ٻٽ، ٽِڪي واري شاخ، سئي، جڪوو، مڏئي ۽ اجان بہ اڳتي واريون نئون لکي دئارڪا، چاڪان، ٻيٺ، راڻ، صورت ٻاري ۽ ڪيراٽي نار، شارڪ، شاھ سماندو نار، دئارڪا جي گرٽي، گھاڙيلي ۽ ڪانگڙي وغيره.

## آبھوا (Climate)

آبھوا حيوانياتي زندگي تي اثر انداز ٿيڻ سان گڏ نباتيات جي واڌ ويجھ تي پڻ اثر انداز ٿئي ٿي. انڊس ڊيلٽا تي چوماسو، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Monsoon ۽ عربيءَ ۾ موسم سڏجي ٿو، ٻيٽا ئتن تي گھٽو اثر انداز ٿئي ٿو .

ڪراچيءَ کي ڇڏي باقي ساموندي پٽيءَ جي ھوائن بابت ڪا مستند تحقيق اجا تائين نہ ٿي آھي. چوماسي ۾ سمنڊ جي ڪنڌيءَ ويجھو ھوا 24 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان لڳندي آھي. ٻيٽائتا ھوائن ۽ ساموندي ويرن کي ھيٺين نالن سان سڏيندا آھن:

**سيارو:** جڏھن اتر کان ھوا لڳڻ شروع ٿئي ۽ زوردار ٿڌ پوي.

**ساٽائو:** تہ سياري ۾ ھيءَ ھوا اتر اولھ کان لڳندي آھي ۽ ٿڌ تمام گھٽي وڌي ويندي آھي.

**ناسي** : اتر جي ھوا جڏھن تيز ٿئي تہ ان کي ناسي موسم سڏيندا آھن. ھيءَ ھوا ساموندي ويرن کي متاثر ڪندي آھي.

**الھندو:** ھي ھوا اولھ طرف کان ايندي آھي ۽ ٿڌ کي گھٽائيندي آھي. ھن کي مقامي طور شمال بہ سڏيو وڃي ٿو.

**ڪا مُنهن:** ھي ھوا اولھ طرف کان ايندي آھي ۽ ھلڪي ٿڌ محسوس ٿيندي آھي.

**ڪوس:** ھن موسم ۾ ھوا ڏکڻ کان گھلندي آھي. ھيءَ ھوا، وٽندڙ ۽ صحت بخش ھوندي آھي. ھن کي سُوائو واءُ بہ چوندا آھن. ھر مهيني جي 23 تاريخ کان وير چڙھڻ لڳندي آھي، جنهن کي 'چاندي جوار' سڏيندا آھن. ھيءَ وير نئين بيٺل مهيني جي پھرين تاريخ تائين چڙھندي آھي پوءِ لهڻ شروع ڪندي آھي ۽ 7 تاريخ تي ياگ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏيندي آهي ۽ 11 تاريخ کان وري چڙهڻ شروع ڪندي آهي، جنهن کي ’پنڌياڙو‘ سڏيو ويندو آهي. اها 16 تاريخ تي پنهنجي مڪمل جوڀن تي پهچندي آهي ۽ پوءِ لهڻ شروع ڪندي آهي، ۽ ايندڙ مهيني جي 2 تاريخ تي پنهنجو چڪر پورو ڪندي آهي.

**اوپر وارو:** هيءَ هوا اوپر کان ايندي آهي، هن کي ’اڳناٽون‘ بہ سڏيندا آهن. هيءَ هوا ڪڏهن سياري ۾ بہ لڳندي آهي. چوماسي ۾ موسم گرم ٿي ويندي آهي ۽ وڄ ۽ گجگوڙ سان برساتون شروع ٿي ويندين آهن .

**برسات:** ڊيلٽائي لوڪن جي مٺي پاڻي حاصل ڪرڻ جو ٻيو وڏو ذريعو مِينھُن آهي. هن علائقي ۾ وسڪارو زندگيءَ جي علامت آهي. انڊس ڊيلٽا جي سموري جيوت کي ان جي سخت ضرورت آهي. ڪارين جي ڪنارن وارن ميدانن تي گاهہ ڦٽندو آهي، جيڪو جت لوڪن جي مال، خاص طور اُٺن جي ڪاڌي ۾ ڪم ايندو آهي. وڻن ۽ ٻوٽن جي واڌ بہ ٿيندي آهي. وسڪار ۾ مٿان جبلن تان نئيون برساتي پاڻي ڊيلٽا کي پهچائيندين آهن. گهڻو پاڻي تہ ڪارين وسيلي سمنڊ ۾ هليو ويجي ٿو، پر پوءِ بہ ان جو ڪجھ حصو ’چڪرن‘، هيٺائن ڪڏن ۾ رهجي ويجي ٿو. ساموندي لوڪ برساتي پاڻيءَ کي تلائن ۽ ڪڏن ۾ پري ڇڏيندا آهن، جيڪو سندن واهپي ۾ اچي ٿو. مال، پکي ۽ جهنگلي جانور بہ ان مان پاڻي پيئندا آهن. نئين رن پٽياڻي، نئن گهارو، نئن داٻيچي، گهگهروارو ڏورو وغيره ذريعي برساتي پاڻي انڊس ڊيلٽا جي ڪن ڪارين ۾ داخل ٿئي ٿو. ”لاڙ ۾ برسات سراسري 7 انچ پوندي آهي، البت ساموندي ڪنڌين تي ان کان وڌيڪ بہ وسندي آهي.“(3).

**گهم:** ڊيلٽا جي اتر وارن پاڳن کان سمنڊ جي ڪنڌين تي گهم وڌيڪ هوندي آهي. هوا ۾ گهم جو تناسب بہ وڌيو ويجي. هتي گهم مارچ کان آڪٽوبر مهينن تائين پوندي رهي ٿي.

”ڪراچي ايئرپورٽ تي رڪارڊ ڪيل انگن اکرن مطابق سراسري گهم 74% رهي.“(4). چوماسي ۾ بہ لاڙ تي اڪثر ڪڪر ڇانيل رهندا آهن.

**مٽي Soil:** انڊس ڊيلٽا جي مٽي درياهي پاڻيءَ سان آندل لٽ ۽ سنهڙي واري تي آڌاريل آهي. درياهہ جي ويجهو زمين نرم ٿيندي آهي ۽ سمنڊ ويجهو ڪجھ پڪيرڙي جنهن ۾ ڀنجهو ۽ واري گڏيل هوندي آهي، جنهن ۾ لوڻ جو وڏو مقدار هوندو آهي. زمين جا ڪيئي قسم آهن: وارياسي، چيڪي، گسياري، ٿٽ ڪلر، شور، ۽ مٽو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪلر وغيره.

هڪ انگريز عالم اي بليٽر لکي ٿو ته: ”جاتيءَ مان مٺو ڪلر ڪٽي چڪاس ڪيو ويو ته ان ۾ سوڊيم ڪلورائيڊ 3.48% مئگنيشم ڪلورائيڊ 0.28% ۽ ڪئلشم ڪلورائيڊ 1.42% نوٽ ڪيا ويا، جڏهن ته ڏنگاچي جي ان ڪان ڪي قدر چگِيرڙي زمين آهي، جنهن ۾ 6 ڪان 7 سيڪڙو سوڊيم ڪلورائيڊ هوندو آهي.“(5)

**رهائشي نمونو: (Settlement Patterns):** آڳاٽا لوڪ ڪاڌي، گاهه ۽ پاڻيءَ جي تلاش ۾ جبلن ڪان ميدانن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ايندا رهيا آهن، انهن درياهه جي ڪناري يا ڍنڍن جي پير ۾ پنهنجون وسنديون قائم ڪيون. اهڙي طرح نسل در نسل لوڪ ايندا وسنديون قائم ڪندا، مرندا، ڪپندا، پوئتي پنهنجو اثر ڇڏيندا رهيا. سنڌ ۾ آمري، موهن جو دڙو ۽ سيوهڻ ان جا مثال آهن. جن لاءِ عالمن جا مختلف رايا آهن:

”وقت سان گڏ وسنديون وجود ۾ آيون. شهر آباد ٿيا. نديءَ جي وهڪرن تي پتڻ ۽ سمونڊ تي بندرگاهه ٺهيا. ڍنڍن ڪناري وسنديون ٺهيون ۽ اهي سڀ متجنديون ختم ٿينديون ويون. نتيجي طور لڏپلاڻ ٿيندي رهي. بعد ۾ ڪاري ڪيڙائو لوڪن ڊيلٽا ۽ ساموندي ڪنڌين تي واپار ۽ زراعت لاءِ زمينون حاصل ڪيون.“(6)

”ميد ۽ جاٽ ويدڪ زماني ۾ سنڌو درياهه جي ڪپن تي رهنديون هيون ۽ سندن گذران قُرلٽ تي هو. ٻئي قومون جهاز رانيءَ جي هنر ڪان واقف هيون.“(7)

سڪندراعظم انڊس ڊيلٽا جي سفر دوران ستورا، ڪامنا، ڪوريٽس، ڪروڪولا ۽ اروس نالي وسندين مان گذريو.“(8) ان ڪان پوءِ پهرين عيسوي صدي ڌاري باربيريڪان بندرگاهه جو نالو اڇي ٿو. اڳتي ميناٻڙهه، منجا ٻاڙي يا منڊا ٻاڙي جا نالا اچن ٿا. پٽالا بابت البت اهو چيو وڃي ٿو ته اهو بندرگاهه سنڌي سمنڊ تي اڳي ئي موجود هو. هتي مهاڻا وڏي تعداد ۾ آباد هئا. سڪندر اعظم پنهنجي فليٽ لاءِ انهن ڪان ٻيڙا تيار ڪرايا هئا ۽ ڪين سونهون بڻايو هو. سڪندر اعظم جي سنڌ تي ڪاهه وقت ڏکڻ سنڌ تي راجا مورس حڪمران هو. سندس گاديءَ جو شهر پٽالا هو. پنيور لاءِ ٻه اهڙو ئي رايو آهي ته هي تمام پراڻو شهر هو، جنهن تي يونانين باربيريڪان نالو رکيو. لاهري بندر کي ابن بطوط ان دور جو مشهور بندرگاهه سڏي ٿو. ”اورنگا بندر اورنگزيب سنڌ جي صوبيداري دوران 61-1660هه جي وچ ڌاري تعمير ڪرايو، جيڪو غلام شاهه ڪلهوڙي جي ڏينهن تائين آباد هو.“(9) غلام شاهه ڪلهوڙي ڌارجا جي راجا

ڪي قتل ڪرايو. هڪ نئون بندرگاهه تعمير ڪرائي ان تي شاهه بندر نالو رکيو. اورنگا بندر جا سڀ ماڻهو لڏائي آڻي نئين شهر ۾ وسايائين. اهڙي طرح اورنگا بندر ويران ٿي ويو."(10) "لاهري بندر بگهاڙ درياهه تي سمنڊ کان ست اٺ ڪوهه ۽ ٺٽي کان چاليهه ڪوهه پري هو. شهر ڪي وڏو ڪوٽ ڏنل هو. وڪر بندر مشهور بندر هو. ڏرتي ڏٻڻ ڪري تباهه ٿيو. ان جي جاءِ تي ڪيٽي بندر جو شهر تعمير ٿيو. شاهبندر ۽ ڏاراجا ڦٽڻ کان پوءِ هن بندر زور ورتو."(11).

"ميرن جي دور ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کان 4 سال اڳ ئي 1839ع ۾ انگريزن ڪراچيءَ تي ڪنٽرول ڪري ورتو."(12) ڪراچي پورٽ ڪي اڏڻ شهر جي نئين سر تعمير لاءِ غور شروع ٿي ويو، انگريزي دور ۾ پورٽ ۽ اڏجي ويو، جيٽي تعمير ٿي، شهر ڪي خوبصورتي سان اڏايو ويو، پر مهاڻن جي بستين جو حال ساڳيو رهيو. ڪراچي بندر جي تعمير سان سنڌ جي ٻين بندرن جو دنيا سان واپار ختم ٿي ويو. اهڙي طرح اهي وسنديون ۽ سهڻا بندرگاهه هوريان هوريان ٿي ويران ٿيندا ويا. موجوده دور ۾ هيٺيان شهر ۽ وسنديون آباد آهن:

**ڪيٽي بندر :** ماضيءَ ۾ مشهور بندرگاهه هو ۽ هاڻ ۽ هيءُ هڪ پڪي وسندي آهي. انگريزي دور ۾ هن ڪي ميونسپالٽيءَ جو درجو هو. هي بندر اوچتو ڪريڪ تي واقع آهي، جنهن ڪي ڪيٽي بندر وٽ ڪيٽي بندر ڪريڪ سڏيو وڃي ٿو، جيڪا حجامڙي نار وسيلي سمنڊ سان ڳنڍيل آهي. هي 35 ايڪڙن تي پکڙيل آهي، جنهن ڪي چوڌاري بند ڏنل آهي. 1998ع جي آدمشماري مطابق آبادي 3000 آهي، جڏهن ته پسگردائي وارن ڳوٺن جي آبادي 23000 ڏيکاريل آهي.

اسان جي تازي سروي دوران آبادي 3500 نوٽ ڪئي وئي. 40 سيڪڙو گهر پڪين سرن ۽ سيمنٽ بلاڪس جا ٺهيل آهن، 60 سيڪڙو گهر ڪاٺ ۽ مٽيءَ جا ٺهيل آهن. ڪيٽي بندر جي پسگردائيءَ وارا ڳوٺ ۽ انهن جي آدمشماري: ڳوٺ علي بخش جت 3000، حاجي اسماعيل جت 1500، احمد خان ميمڻ اوچتو ڪريڪ 1000، محمد خان ميمڻ جوهو ڪريڪ 3000، ۽ گلبهار دبلو جوهو ڪريڪ 500. حجامڙي نارتي دبلن جا ٻيا به ڳوٺ آباد آهن، اهي سڀ جا سڀ مڇيءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن.

**ڪارو ڇاڻ:** هن ڪي به تعلقي جي حيثيت حاصل آهي، جنهن ۾ 42 ديهون آهن. آبادي 25700 آهي. 1998 جي آدمشماري مطابق آبادي 26000 آهي. مٺو پاٽي تلائن ۾

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گڏ ڪيو ويندو آهي، جنهن کي پمپ وسيلي ڪڍيو وڃي ٿو. اسان سروي دوران شهر جي آدمشماري 1000 نوٽ ڪئي. هي شهر مٽي ڪريڪ ۽ ڦاٽ جي وچ ۾ ٻيٽ تي آهي. شهر ۾ ڪتي، سومرا، خاصخيلي، ۽ مهاڻا وغيره آباد آهن. پسگردائيءَ جا ڳوٺ هي آهن: مصري ڪلمتي ڦاٽ ڪريڪ 75 گهر، عباس پيروزاڻي ڦاٽ ڪريڪ 25 گهر، علي اترادي ٻيٽڙي ڪريڪ 100 گهر، حاجي قادر بخش صوباڻي 50 گهر، عبدالله مير بحر مٽي ڪريڪ 100 گهر، عبدو مالهيو مٽي ڪريڪ 12 گهر، ابن رونجهو مٽي ڪريڪ پراڻي سوڪي بندر جي پاسي ۾ 15 گهر، موسيٰ ڏانڊل روڙو ڪريڪ 50 گهر، شفيع محمد شاهه روڙو ڪريڪ 15 گهر، احمد خان جت روڙو ڪريڪ 200 گهر، حاجي ساجن ٽانڊيو روڙو ڪريڪ 300 گهر، ولي محمد جت روڙو ڪريڪ 200 گهر ۽ احمد جوڻيجو 60 گهر. هي سڀ لوڪ مڇيءَ جو ڌنڌو ڪندا آهن.

**ٻاڀيو پٽڻ:** هي سنڌو نديءَ تي آباد آهي. هن جي پسگردائيءَ ۾ صوباڻي، گلزئي، گلڙي ميمڻ، سيد ۽ مهاڻا آباد آهن. هن جي آدمشماري 4000 ٿيندي. ٿورا ڪي زراعت ۽ مالونديءَ ۾ آهن، باقي مڇيءَ جو ڌندو ڪندا آهن.

**سجڻ واري:** هن ۾ پيروزاڻي بلوچ، ميمڻ، لاشاري، دائود پوٽا ۽ ڪارائي مڇيءَ جو ڌندو ڪندا آهن.

**مول:** هي اڳي مول بندر جي نالي سان مشهور هو، ۽ هاڻي مول ڪريڪ سڏيو وڃي ٿو. هتي جت گهڻا آباد آهن، جن جي آدمشماري 10000 ٿيندي. اُهي سڀ مٺي پاڻيءَ جي اڻهوند سبب ڪيٽي بندر ۽ ڪاري چاڻ جي ساحلي پٽيءَ کان لڏي، هتي اچي آباد ٿيا آهن. ڌنڌو ٿورا زراعت، باقي اٺ چارڻ ۽ مڇي مارڻ وغيره.

**شاهبندر:** هي تاريخي بندرگاهه آهي. هي بندر ميان غلام شاهه ڪلهوڙي 1759ع ۾ تعمير ڪرايو هو. هن تي تمام گهڻا جهاز لنگر انداز ٿيل هوندا هئا. 1819ع واري زلزلي ۾ هي شهر تباهه ٿي ويو. هيئنر تعلقي جي حيثيت اٿس. 1998ع جي آدمشماري مطابق شهر جي آبادي 13000 ۽ ٻهراڙيون 87000 آهي.

مٺي پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب ساحلي پٽيءَ جا سڀ جت لڏي شاهبندر چڇ جهان خان ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. مٿي ذڪر ڪيل پڪن ڳوٺن کان علاوه ساموندي ڪارين جي ڪنڌين تي مهاڻن جا ڪيترائي عارضي ڳوٺ ۽ پڪا اڏيل آهن.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## گهرن جا قسم:

**سيمينٽ بلاڪ جا گهر:** هي سيمينٽ جي بلاڪن سان ٺهيل هوندا آهن، ڇت جي ڇادر بہ سيمينٽ جي هوندي آهي، جيڪا ڪراچيءَ ۾ آساني سان ملي ويندي آهي.

**ڪاٺ جا گهر:** هي مختلف قسم جي ڪاٺ مان ٺهيل هوندا آهن. جن ۾ تمر، لئو، ڄار ڪرڙ، ٻٻر، ۽ ديئيءَ جو ڪاٺ استعمال ٿئي ٿو. جت قبيلي وٽ گهٽو ڪري ڪاٺ جا گهر آهن. رگ ويد جي منڊل ستون ۾ راجائن جي ڪاٺ جي ٺهيل محلاتن جو ذڪر آهي.

**پڪي وارا گهر:** پڪا گهٽو ڪري ڪنور، پن ۽ سر مان ٺاهيندا آهن. هن ۾ بہ ڪاٺ جا لڙها ۽ ٿوٽيون ڪم اينديون آهن. پاسن کان بہ پڪا ڏبا آهن ۽ ڇت بہ پکي جي هوندي آهي. ڪٿي ڪٿي اهي گاري سان راڳيا ويندا آهن. پتراوان پڪا بہ اڏين، جنهن ۾ لئين جو گهٽو استعمال ٿئي.

## جتن ۽ مهاڻن بابت ودڪ تاريخي مواد:

مير بحر مهاڻا ۽ مڇيءَ جو ڌنڌو ڪندڙ ساحلي پٽيءَ جا رهواسي ڪڇي وغيره ڇا انهن قديم ميد لوڪن جو پونير آهن. هن سوال جو جواب ڳولڻ لاءِ اسان کي پراڻين تهذيبن ڏانهن ڏسڻو پوندو ۽ دنيا جي تاريخن ۾ ميدن بابت جيڪو احوال لکيل آهي ان جو تنقيدي جائزو وٺي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻي پوندي. 1100 ق.م. ۾ ڪي ميد مهاڻا ۽ پرشين ايران ڏانهن هجرت ڪري ويا. 900 ق.م. ۾ ميد ۽ پرشين زيگروز ڏانهن پيش قدمي ڪئي. 600 ق م زيگرس ميدن ۽ پرشين جو بادشاهہ بڻيو."(14)

بابل جي فتح ميدن، پرشين ۽ چيلڊين کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ جي راهہ هموار ڪئي. نينوا جي مشهور جنگ ۾ ميدن ۽ پرشين چيلڊين جو ساٿ ڏنو. چيلڊين 612 ق.م. کان 539 ق.م. تائين دجلہ ۽ فرات ندين جي وچواري زمين تي قابض رهيا. نيبوچندنزار (Nebuchadnezzar) هنن جو طاقتور حڪمران ٿي گذريو آهي، جنهن يروشلم کي تباهہ ڪيو ۽ ڪيترائي ماڻهو قيدي بڻائي بابل وٺي ويو، جن کي چيلڊين ايمپائر جي خاتمي کان پوءِ سائرس واپس وڃڻ جي موڪل ڏني ۽ 537 ق.م. ۾ انهن مان وڏو تعداد واپس موٽي ويو.

بهرحال اسيرين سلطنت جي خاتمي کان پوءِ ميدن ۽ چيلڊين وچ ۾ اختلاف



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڏي ويا ۽ ميدن پرشين جو ساٿ ڏنو، جن گڏجي ٽگر ندي جي اوپر ۾ الڳ سلطنت قائم ڪئي. ميد پنهي قومن ۾ وڏيڪ طاقتور هئا، جڏهن سائرس حڪمران بڻيو ته هن پنهنجي قوم کي متحد ڪيو ۽ ٽن سالن جي عرصي ۾ ميدن جي علائقي ميديا سميت سموري علائقي جو اڳواڻ بڻجي ويو.

پاسرگيدي جي مقام تي ميدن ۽ پرشين جي جنگ لڳي، جنهن ۾ ميدن هارايو. اڳتي هلي جڏهن دارا (521-485 ق.م.) حڪمران بڻيو ته هن ميدن سان تعلقات وڌايا ۽ ڪين پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪيو. 490 ق.م. اسپارٽا ۽ اٿينس تي حملي ۾ دارا ڏاتي مهاڻي (Datisa Mede) ۽ بادشاهه جي ڀائٽي جي پٽ ارٽافرنيس جي اڳواڻيءَ ۾ لشڪر يونان موڪليو، جتي ميراٿون واري مشهور جنگ ۾ 6400 پرشين مارجي ويا. دارا جي موت کان پوءِ سندس پٽ زيرس (Xerxes) جا ميدن سان سٺا تعلقات رهيا. ميد پرشين فوج جو حصو رهيا. هن به پيءُ وانگر يونان تي 480 ق.م. فوج ڪشي ڪئي. شاهي فوج ۾ مصري، عربي، شامي، فلسطيني، ميسوپوٽين، ايشا مائينر، آرمينا، پرشيا ۽ افغانستان جا چونڊ فوجي شامل هئا. هيرو ڊوٽس هن مهم جا دلچسپ تفصيل ڏنا آهن. ”شاهي لشڪر ٿرموپالي لڪ وٽ پهتو ته اڳيان رستو بلاڪ هو. سپارٽا جو بادشاهه ليوٽيداس لڳ ڀڳ 8000 فوجين سان سندس مقابلي لاءِ تيار هو. پرشين فوج چار ڏينهن انتظار ڪندي رهي ته من يوناني ڀڄي وڃن، پر هو نه ويا. پنجين ڏينهن بادشاهه ميدن ۽ ڪشن کي حڪم ڪيو ته يونانين کي جيئرو گرفتار ڪيو وڃي، پر هن حملي کي آسانيءَ سان روڪيو ويو، بهرحال پرشين اٿينس کي تباهه ڪري ڇڏيو.“(15).

مختلف يوناني مورخن (ايرين مارڪلان، نيرڪوس، پٽالمي، وغيره) ۽ عرب تاريخ نويسن مهاڻن بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي ته، ”هي لوڪ سنڌ کان وٺي خليج فارس تائين ساموندي پٽيءَ تي رهندڙ هئا، سمورن مهاڻن ۽ ٻيڙائتن کي ميد سڏيو ويندو هو، هر ڳوٺ ۾ هنن جي اڪثريت هئي. سونمياڻيءَ کان ڪراچيءَ تائين هنن کي مهاڻو سڏيو وڃي ٿو ۽ اڳتي اندر سنڌ ڏي ونگوريا. ميدن جي ٻي شاخ ڪوڙا هئي، جيڪي آفريڪي غلامن مان هئا، هنن کي ساموندي قزاڪي لاءِ ڀرتي ڪيو ويندو هو.“(16) هي بصري، ڪولمبو ۽ زينيبيا ويندا هئا. سڪندر اعظم جي آمد وقت هنن لوڪن جو ڏس ملي ٿو، ان وقت هنن کي مڇي کايار سڏيو ويو، ايرين هنن کي دراوڙ سڏيو آهي. انهن جون به شاخون بيان ڪيون ويون آهن: هڪ گروڊيشن ۽ ٻي اڪتا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

يوفگِڻائي، هي لوڪ بابل کان هجرت ڪري هندستان ويا ۽ انهن مان ڪي مڪران ۾ رهجي ويا.

مولائي شيدائي لکي ٿو ته، ”سنڌ جي ٻن قومن جو ذڪر اچي ٿو جيڪي ويدڪ زماني ۾ سنڌو درياهه جي ڪپن تي رهنديون هيون ۽ سندن گذران ڦُرلٽ تي هو. ٻئي قومون جهازرانيءَ جي هنر کان واقف هيون.“(17).

”سنڌ جي جتن کي 636ع ۾ ايراني فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو. سلاسل واري جنگ ۾ سنڌي جت پيرن ۾ زنجيرون پائي ايرانين پاران عربن سان وڙهيا. 600ع ۾ جت مڪران ۾ اڪثريت حاصل ڪري چڪا هئا. حضرت علي رضي الله عنه جي خلافت دوران جت بصري ۾ آباد ڪيا ويا، جتن جي ايمانداري، وفاداري ۽ بهادريءَ سبب ڪوفي جي گورنر عثمان بن حناف انصاريءَ جنگ جمل جي وقت هنن کي خزاني جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيو (18).

46 هجري مڪران جي عرب گورنر راشد ڪيڪان جتن ۽ ميدن تي چڙهائي ڪئي مگر قتل ٿي ويو سنان بن سلامحل هاذلي کي ٻيو گورنر مقرر ڪيو ويو، ان کي به ميدن ۽ جتن قتل ڪري ڇڏيو.“(19)

”بازنطيني رومن کان بچاءِ لاءِ ساموندي ڪوسٽ تي جت ڪواٽر قائم ڪيو. ديبل جي ميدن سرانديپ کان موٽندي عربن جا جهاز ڦريا. حجاج انهن جي خلاف ڪيترين چڙهايون ڪرايون. هڪ عبدالله بن نبشان ۽ ٻي بديال بن جفاجي اڳواڻيءَ ۾ ٿي هئي. ميد عربي سمنڊ جا وڏا خطرناڪ ساموندي ڦراڪ هئا. هنن جي ٻيٽ کان ساسانين ابلا وٽ قلعو جوڙايو هو.

انڊس ڊيلٽا تي جت ۽ ميد قبيلن جو راڄ هو. هو ڪنهن ڌاڻهن به جوابده ڪو نه هئا. سومناٿ کان موٽندي محمود غزنويءَ تي جتن ۽ ميدن حملا ڪيا. ٻن سالن کان پوءِ محمود هنن تي حملو ڪيو، انهن مان ڪي مارجي ويا ته ڪي قيدي ڪيا ويا.“(20).

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته، ”جت نج سنڌي قوم آهي، قديم سنڌ ۾ به هوندي هئي، پهرين ڪڇي ۾ هئا اتان ڏکڻ ڏي آيا، جاتيءَ جو تعلقو خاص سندن هو ۽ نالو به انهيءَ قوم کان پيس. اهي اصل کان اٺ رکندا ۽ پاليندا هئا، جهنگلي ماڻهو هئڻ ڪري هو سنڌيءَ ۾ سڏبا به جٽ آهن. هي جت بلوچن وانگي هارون مڪراني جو اولاد سڏبا آهن.“(21)

”مهاڻا: هنن کي مي ميربحر بہ سڏيندا آهن، اڪثر مڇي ماريندڙ ۽ ٻيڙيون هلائيندڙ آهن. انهن جون گهڻيون ئي ذاتيون آهن، اڪثر گهٽ ذات وارا سمجهيل آهن.“(22).

مولائي شيدائي مطابق، ”برهمڻ دور ۾ جت خانہ بدوشيءَ واري زندگي گذاريندا هئا. هو اٺن جا وڳ چاريندا هئا ۽ پڪن ۾ رهندا هئا. مهاڻا سنڌ جا پراڻا ميد هئا. سون مياڻيءَ کان وٺي سڄي ساحلي پٽيءَ تي آباد هئا، مڇي مارڻ ۽ جهازرانيءَ ۾ پڙ هئا. هو ساموندي قزاڪ هئا. سنڌ ۽ گجرات جا حاڪم هنن کي سرڪاري ملازمت ۾ ڀرتي ڪندا هئا. ساسانين هنن جي خوف کان ابلاتي قلعو اڏايو. چيني پنجن سون تائين بہ ميد پنهنجي فليٽ جي نگهباني لاءِ ڀرتي ڪندا هئا.“(23)

”مهاڻا موهن جي دڙي جا اصلوڪا رهاڪو آهن. هنن جي قبيلي جو نالو موهن هوندو هو. هي مڇي ماريندا هئا. هن قبيلي جو Totem هر جاءِ تي مليو ٿو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هنن کي مهايون مي يا مهاڻا سڏيو آهي، اڄ بہ ٺٽي، دادو ۽ منڇر وارن علائقن ۾ ان جو نشان ٻيڙين ۽ ٿانون تي اڪريل نظر اچي ٿو، موهن جي دڙي جو ڪلچر بہ هن ئي قبيلي جي ڪري مشهور ٿيو.“(24).

1968ع ۾ ايڇ. ٽي. سورلي ويسٽ پاڪستان گزيٽيئر ۾ ڄاڻايو آهي تہ، ”جت سٿين جو بنياد آهن، جيڪي 70 عيسوي صديءَ ۾ انڊس ويلي ۾ آباد ٿي چڪا هئا. هو نڌا ۾، جنهن کي هاڻ ڪڇي سڏيو وڃي ٿو، آباد هئا. اٺ پالڻ هنن جو ڌنڌو هو، جنهن کي هو اڄ تائين جاري رکيو پئي آيا. 1901 جي آدمشماري مطابق جتن جو تعداد 77920 هو. جاتي جا جت ملڪاڻي سڏائيندا آهن، پر گوني جا جت انهن سان لاڳاپن ۾ ڪونهن، انهن جو سردار صادق علي آهي. انڊس ڊيلٽا جي جتن جي نالي سان جاتي تعلقو آهي، هو پڪن ۾ رهن ٿا ۽ اوٺي ڪير تي گذران ڪن ٿا. هو پنهنجا ڪنواٺ ميڙن تي وڪرو ڪندا آهن. اٺن جي چارڻ لاءِ انڊس ڊيلٽا موزون جاءِ آهي، جتي ڄار گهڻو ٿئي ٿو.“ (25)

ڊاڪٽر نبي بخش جي راءِ آهي تہ، ”جت بلوچ قبيلو آهي، جيڪي اصل ۾ ايراني آهن ۽ اتان کان هجرت ڪري ٻي صديءَ ڌاري بلوچستان ۽ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. هنن رند ۽ لاشار واري مشهور جنگ ۾ رندن جو پاسو ورتو، اتان کين مير جت جو لقب مليو. جاٽ ۽ جٽ الڳ قبيلا آهن. نسل ۽ نسبت جي اعتبار سان جت لفظ ۽ نالو قبيلي سان لاڳو آهي جيڪو فارسي لفظ جُفت مان نڪتل آهي. پنجين ڇهين صدي ڌاري راءِ گهراڻي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي دور ۾ جت قبيلا سنڌ ۾ موجود هئا، ان دور ۾ ايران جي ساساني شهنشاهه طرفان سنڌ تي حملا ٿيا، هڪ حملي ۾ سنڌ جو راءِ سهارس مارجي ويو ۽ سنڌ جي لشڪر مان گهڻا دستا قيدي ٿي ايران ويا، انهن ۾ جتن ۽ سياه پادن جو ذڪر اچي ٿو. اهي قبيلا پوءِ ايران ۾ رهيا، ساسانين جي فوج جا اڳواڻ ٿيا، اتي انهن اسلام قبول ڪيو“ 26.

الهداد ٻوهئي صاحب جي راءِ هن کان مختلف آهي هو عربي تاريخن جا حوالا ڏيندي لکي ٿو ته ”زط جاٽ ۽ جت هندستان جي هڪ مشهور ۽ جنگي قوم هئي. هي قوم سنڌ کان مڪران تائين پکڙيل هئي، هي قوم بلوچستان ۽ پنجاب ۾ به آباد هئي. عرب ڏانهن هنن قومن جي لڏپلاڻ به انهن رستن تان ٿيندي هئي. جت، جن کي عربيءَ ۾ زط چيو وڃي ٿو سي ڪاري رنگ جا اصلوڪا سنڌي ماڻهو هئا. لسان العرب ۾ اچي ٿو، زط سنڌ جا رهاڪو ڪارا ماڻهو آهن. هڪ روايت اها آهي ته زط لفظ هندي لفظ جت جي بگڙيل صورت آهي. هي قوم سنڌ ۽ هند جي قومن مان هڪ آهي.“ اهڙي ريت علامه محمد طاهر مجمع بهار الانوار ۾ لکي ٿو ته، جت ڪاري رنگ جا سنڌي ۽ هندستاني آهن. هن طرح معلوم ٿئي ٿو ته جت سنڌ مان ايران ۾ هليا ويا هئا ۽ پوءِ اتي ويڙهاڪ ۽ سورهيه هئڻ جي بنياد تي فوج ۾ شامل ڪيا ويا هئا.

اهڙي ريت ميد به ساحلي علائقي جا ڦورو هئا، بعد ۾ عربن انهن کي مغلوب ڪيو هو. هي ماڻهو ايران جي فوج ۾ پرتي ٿي عرب ويندا هئا ۽ اتي ساحلي علائقي ۾ رهندا هئا.(27) راجا گهوڙن تي موتين سان جُڙيل سنج وجهندا هئا.

ڪاڪي ڀيرو مل جي راءِ موجب، قديم سنڌ جا ماڻهو بابل ۽ ميسو پوٽيما ڏي ويا ۽ اتي پنهنجون بينڪون وڌائون، ڏکڻ هندستان جي چول لوڪن به اوڏانهن پنهنجون بينڪون قائم ڪيون جن جي پٺيان چول ديش سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو اوچار پوءِ ڦري چئلديا ٿيو. (28) سنڌ جي ميدن نينوا واري جنگ ۾ چيليدن جو ساٿ ڏنو هو. دراوڙ جهازراني ۽ جهاز سازيءَ ۾ پڙ هئا، سامونڊي سفر ڪري ٻيڙا هاڪاري سري لنڪا، جاوا، سوماترا ۽ ملبار تائين وٽج ۽ واپار سانگي ويندا هئا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي هنن جو ذڪر ڪيو آهي:

ويا سي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون پاتاران پيهي.
(سريراڳ 2/11)

سري لنڪا سان سنڌين جي واپار جو ذڪر ڪندي پٺاڻي صاحب چئي ٿو:

لنڪا لنڪا ڪن لئہ لنڪا جي اوهريا،
سٽي سون لنڪا جو سڪ نہ ساموندين.
(ساموندي 3/10)

انهن واپارين جو رستو جاتيءَ کان اڳيان ڪوري ناري ۽ ڪڇ جي نار وٽان هو. هو ملبار ۽ فلپائين مان گرم مصالحو سودي ايندا هئا.

ڦر ڦل ڦوٽا، پارچا پاٽيٽ پاتائون،
ڪوٺيون قيمت سنديون تر ۾ تاڪيائون.
(سريراڳ 5/11)

موتي، ايلاچي، ڪڙهي دراوڙي لفظ آهن، ڪاٻار ملباري لفظ آهي، اهي لفظ سنڌ ۽ ملبار ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. سنڌ جي ململ سنڌڻ انهن ئي وڻجارن مصر، بابل ۽ ميسوپوٽيما تائين پهچائي. سڪندر اعظم سنڌ جي ململ جا ٿيڙا پرائي ڪٽي ويو ۽ يورپ پوءِ ان ڪپڙي مان واقف ٿيو.

”ماگر ذات جا مهاڻا ملبار ۾ گهڻا آهن، ممڪن آهي اهي سنڌ مان ويا هجن. لاڙ پاسي ماجريا ذات آهي. هي مهاڻن جي نک مان آهن، اهي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آهن. يا پوءِ ڏکڻ هندستان کان هتي اچي آباد ٿيا آهن. سجاول پاسي ماجر جو علائقو موجود آهي. اصل اتي ماجر ذات جا مهاڻا رهندا هئا، جيڪي مڇيون ماريندا هئا، ۽ مسافرن کي پتڻ اُڪاريندا هئا. سجاول طرف ماگر بدران ماجر چون يعني گ کي مٽي ج ڪيو اٿن، نہ تہ لفظ ساڳيو ئي آهي. اهو دراوڙي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چار رڪندڙ يعني مهاڻو. سجاول ڏي ماجر نالي ڍنڍ بہ آهي جنهن تي انهن ماڻهن جو نالو پيل ٿو ڀانئجي. (29).

## جتن ۽ ميدن جون لڙايون:

تاريخ کان اڳ واري دور ۾ هر قبيلي کي پنهنجي بچاءُ لاءِ جنگجو ٿيڻ لازمي هو، جت ۽ ميد قبيلا بہ ان ئي سماج جو حصو هئا. مهاڀارتا واري دور ۾ سنڌوَ جي ڪناري تي هي ٻئي قبيلا آباد هئا. مولوي نور محمد نظاماڻي لکي ٿو، ”ٻنهي قبيلن ۾ ڪا اٽڪٽ ٿي، ميد جتن تي حاوي ٿي ويا ۽ جت لڏي وڃي نديءَ جي ٻئي ڪناري آباد

ٿيا. جت وقت بہ وقت ٻيڙين تي چڙهي ميدن تي حملا ڪندا هئا. لڳاتار حملن جي ڪري ميد ڪمزور ٿيڻ لڳا. جتن جي سردار پنهنجي قبيلي وارن کي صلاح ڏني تہ ميدن سان صلح ڪيو وڃي. ڳالهين ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين صلاح ڪري وقت جي حاڪم راجا دريوڌن کي سندن مٿان ڪو حاڪم مقرر ڪرڻ جي عرضداشت رکي. بادشاهہ ڳالهيون ٻڌڻ بعد پنهنجي ڀيڻ دشلا، جيڪا راجا جئدرت جي راڻي هئي، کي مٿن حاڪم مقرر ڪيو. هن راڻيءَ ملڪ کي تہ خوشحال بڻايو پر 30000 برهمڻ هندستان مان گهرائي سڪلند (Skland City) ۾ آباد ڪيا. هن پنهنجي ور جئدرت کي جتن جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ميدن مان هڪ سردار کي ميدن مٿان مقرر ڪيو.(30)

راجا جئدرت جي مرڻ ڪانپوءِ جتن ۽ ميدن ۾ ٻيهر دشمني ڪر ڪنيو. بهرحال هي ٻئي قبيلا هڪ ٻئي سان وڙهندا نهندا گڏ رهندا پئي آيا.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## جتن ۽ مهاڻن جي ٻولي:

جتڪي زبان سنڌ جي قديم ترين زبان آهي. مٿس فارسيءَ جو اثر آهي، جتڪي زبان ۾ جي ڪنهن ڪان پڇجي تہ تنهنجو ڳوٺ ڪٿي آهي تہ هيئن پڇبو:

تون هون ڳينهن ڪزي هز

جتن ئي پهرين ڪنگور جو نڙ ايجاد ڪيو، جنهن کي هو قافلي جي ترسڻ وقت رات جو ڪچهرين ۾ ويهي وڄائيندا هئا، ۽ بيت ڏيندا هئا. ايراني پراڻن ترانن ۾ جتن جو ذڪر ملي ٿو، مثال طور:

جـتـا جـت زاده وجـت مـهـر بـونـم (31)“

جتن ۽ مهاڻن جي ٻوليءَ جو لهجو هڪ ٻئي کان مختلف آهي، ”جتڪي ٻولي جا ڪي لفظ اندس ڊيلٽا ۾ عام سنڌي ٻوليءَ کان مخلتف آهن. جتن ۽ مهاڻن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ جا لهجا ۽ اُچار بہ مختلف آهن.“(32)

جتڪي ٻولي نسل جي نسبت سان جتن بلوچن جي قبائلي ٻولي آهي. سنڌ ۾ ميرجت ۽ ڪڇ ۾ ٿتيار جتڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن. جتڪي ٻوليءَ تي قديم سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جو اثر آهي. جتن جا ٻيا پاڙا سنڌي ڳالهائيندا آهن، پر ان ۾ جتڪي ٻوليءَ جا لفظ بہ گڏيل هوندا آهن. ڪاري جا جت جتڪي ٻولي ڳالهائين. مثال: جتڪي ٻولي: ڪاهو بينو هزون، سنڌي ٻولي: ڪير وينو هو.

جتن جي قبائلي رياست ميرپور بٺوري، گولاڙچي ۽ جاتي تعلقن وارين حدن ۾ هئي، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر رڙي هو. ملڪ ميرو سردار هو، چانگن ۽ جتن جي جنگين جي نتيجي ۾ جتن اهو علائقو ڇڏيو ۽ جاتيءَ کي پنهنجو مرڪز بڻايو. جتن جا چار وڏا راڄ آهن: اوٺار، منهون راڄ، پکي راڄ ۽ ڪارائي اوٺار، جيڪي اصل کان وٺي هن وقت تائين اُٺ ڌارين.

”ٺٽي ۽ بدين ضلعن جي جتن جا راڄ جاتيءَ جي ملڪ جي برادريءَ ۾ آهن. ڪاري ۾ رهندڙ راڄ، جيڪي ڪاري ڇاڻ، پريان سنهڙي، وير ڪنڊڙي ۽ ڪاٺين واري مڪان طرف رهن ٿا، انهن ۾ دبائي راڄ ڪرمتي ملڪ سان پائيچاري ۾ آهي. آسر، ونگائي، عامر، سهائي، للاڻي، مسڙ، چمڙيا، جتوئي، شيهه. عيسباڻي، شهبيگي، نٿيار، بجاراڻي، فقيراڻي، بجارپوٽا ۽ مسواڻي راڄ جاتيءَ جي ملڪ سان شامل آهن. اوٺارن ۾ شامل راڄ: جيئنداڻي، عمراڻي، چاڪراڻي، منگهاڻي، زهري، مموساڻي، ڏڏڪاڻي، ٻهلاڻي، عيسباڻي، للاڻي. منهون راڄ: ماهيڙ، مڪڙا، پٽاڻي، سسئي وارا، رهيجي وارا، گبول، ڏاتي، اوناڻي، پيروزاڻي، ريدار، چنڙائي، ملان، ٻيلائي، جمالي، مارواڻي، ميوا ۽ گيانچ پکي راڄ: ولاسيا، لاڪاڻي ۽ ٻيا راڄ پکي راڄ ۾ شامل آهن. (33)“

مهاڻن جا انڊس ڊيلٽا تي هي راڄ آهن: پارهيڙي، باديٽا، داد، ڪاٺائي، ٿانڊيا، ميلواڻي، بولاڻي، ميواڻي، گرياڻي، مٿائي، ڪنڊريا، گجڙيا، دبلا، گلاڻي، منڇري، هوڙائي، سوڍائي، پنجاڻي، لوجهاڻي، اپلاٽا، ڇريجا، گلڙي، ماگت، ماڇي، لارا، بدا، چيرا، ڪيرا، آٽا، وريا، چڪائي، ڪاريا، گهلڙا، برا ۽ پونير وغيره.

مهاڻن جي ٻولي جو لهجو. **ٿولهو نہ ڪٽي ڏيئن ڪو = وٿو ڇو نہ ٿي ڪٽي ڏين.**

## جتن ۽ مهاڻن جو ڪلچر:

جيتوڻيڪ هي ٻئي قبيلا سنڌي ڪلچر سان سلهاڙيل آهن، ان هوندي بہ جتن ۽ مهاڻن جو ڪلچر گهڻن ڳالهين ۾ هڪ ٻئي کان مختلف آهي، سلوار قميص ٻنهي قبيلن ۾ هڪ جهڙي آهي، البت فقيراڻي جت ڪارو پٽڪو ٻڌندا آهن ۽ وٽن شاهه جو رسالو ساڻ هوندو آهي ۽ عورتن جو لباس مهاڻن جو عام سنڌي آهي، جڏهن تہ جتن بلوچن جي معاشري ۾ گهگهي جو استعمال عام آهي. گهگهي جو مان ۽ گهگهي جو ننگ شرم جتن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وٽ گهٽو آهي. ڀٽائي صاحب بلوچن کي جت ۽ جتن کي بلوچ سڏيو آهي. گهگهي جي پرم ۽ پکي جي پردي لاءِ ڀٽائيءَ جون جتن کي خاص دعائون ڏنل آهن:

پکي ڏريءَ جو پردو گهگهيليءَ جو پرم،
رکج شاهه شرم، لائق لاڳي جا ڏٽي.
(حوالو: ڊاڪٽر بلوچ جو ڪتاب جتڪي ٻولي)

جَت گهگهيلا ۽ پردي وارا آهن. جتن جي معاشري ۾ پکي جي پٽ نهايت اهم آهي. مهاڻن ۽ جتن وٽ پکي جو استعمال عام آهي. جتن وٽ ڪاٺ جا گهر آهن، جيڪي نهايت ئي خوبصورت نموني ٺهيل هوندا آهن.

راڳ ۽ شادين جا گيت ۽ ڳيا مهاڻن وٽ عام رواجي سنڌين وارا آهن، البت جت بلوچن وٽ انهن جو انداز مخلتف آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا سان گڏ 1983ع ۾ ڪيٽي بندر ۾ اسان سگهڙن جي ڪچهري ڪوٺائي هئي، ان ۾ جتن جي ٻاري شاهه جو ڪلام ۽ سندن پنهنجي عوامي شاعرن: ميرو جت ۽ جمارو (جمال/ جمالو) جت جون ڪافيون سندن مخصوص انداز ۾ سُرائتي آواز ۾ ڳايون هيون. اهو سارو رڪارڊ سنڌالاجي ۾ محفوظ آهي.انهن جي موسيقي، آلاپ ۽ ورلاپ جو انداز ئي نرالو هو، جنهن ۾ موسيقي جي نرم ۽ نازڪ مزاج سان گڏ درد ۽ دانهون به هيون. هنن جي موسيقي ۾ عرب ۽ ايراني موسيقيءَ جو اثر ٿي نظر آيو. اها چانديءَ جوار جي رات هئي. چنڊ ۽ سامونڊي ويرون پنهنجي جوڀن تي هيون. ڪيٽي بندر جو غريب ڳوٺڙو ۽ پس گردائيءَ جا جت وڏي تعداد ۾ ان ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيا هئا.

مهاڻا رواجي موسيقيءَ جي تقليد ڪندي نظر اچن ٿا. تاڪ ۽ ميد سنڌ جون قديم قومون هيون، انهن مان ميد نسل جا ماڻهو سامونڊي ڪناري تي آباد هئا. انهن جا ڳيچ پڻ سنڌ جي راڳ جو جز بڻيا. تڪ سنڌو تاڪ قوم جو ۽ ماڊ ميدن جو راڳ هو. ڊاڪٽر بلوچ سنڌي موسيقيءَ تي زبردست ڪتاب ڏنو آهي.

جمارو جت ۽ ميرو جت جتن جا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. رمضان جت، حاجي خميسو جت ۽ حاجي صديق فقيراڻي جت هنن جا سگهڙ ٿي گذريا آهن. اهڙي طرح مولوي احمد ملاح مهاڻن جو شاعر آهي. جتن جو پنهنجو لوڪ گيت جمالو آهي. جتن ۽ سندن راڳ جمالي بابت راءِ لاءِ وري هلون ٿا ٻوهئي صاحب ڏانهن، هو لکي ٿو: جت سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو، شڪل شبيهه جا ٺاهوڪا، قد پورو پنو، جسم مضبوط،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وار وڏا، ڪي ويڙهاڪ ته ڪي سياستدان ۽ طبيب، سنڌ ۽ هند جي پراڻين قومن مان هڪ قوم جيڪي ڏنڌي ۽ روزگار جي ڪري ايران ۽ عرب جي علائقي ۾ وڃي آباد ٿيا. جمالو ناچ راڳ آهي، جيڪو ڪنهن بهادر جت جي ڪنهن ڪارنامي سان تعلق رکي ٿو. هن طرح جمالي گيت ڪي سوپ (Crest)جي روايت چئي سگهجي ٿو. جتن ڪي اهڃاڻي قدامت ۾ وڏو رتبو حاصل آهي (34).

جمالو سنڌ سان گڏ ڪڇ ۾ به ڳايو وڃي ٿو. ڪڇ ۾ ڳائجندڙ جمالو ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ ۾ ڏنو آهي، جنهن جا ٻول ڪجهه هن ريت آهن:

”هو جمالو ري ٻيلي — هوجمالو
جمالو جتن جو — هو جمالو
اسين ٻيلي ڪتياسين — هو جمالو
اسين ماڻهو ڪڇ جا — هو جمالو
اڇا چوڪا ڪير ۾ — هو جمالو
رتا چوڪا چاءِ ۾ — هو جمالو
ڪارا ڏونگر ڪڇ جا — هو جمالو
ڪارا ميگهه ملهار ٻيلي — هو جمالو
ڏورا ڏڻ ڏنار جا — هو جمالو
مٺا ماڻهو ڪڇ جا — هو جمالو
مٺا مينهن ڪير ٻيلي — هو جمالو“(35)

## شاهه جي ڪلام ۾ جتن ۽ مهاڻن جو ذڪر:

جتن ۽ مهاڻن جو گهڻي ۾ گهڻو ذڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي، جتن جو ذڪر سسئي پنهونءَ جي داستان جي حوالي سان رسالي جي پنجن سرن: سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حُسينيءَ ۾ ڪيو آهي. مهاڻن جو ذڪر ڇهن سرن، سريراڳ، ساموندي، ڪاموڏ ۽ گهاتوءَ ۾ ڪيو آهي. ڀٽائي صاحب جتن ڪي گهگهيلو، ٻاروچو، ٻروچ، ڪيچي، ڪوهيارو، اوٺي، اوٺار، آرياڻي، آريچا ۽ بلوچ سڏيو آهي. شاهه سائين جتن جي معاشري مان واقف هو. سندس نظر ۾

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جت سونهون بہ آهي جيڪو منزل ۾ ماڳ تي رسائي ٿو:

پلي ڪري ٿيوم هي سڳ ٻاروچن سين،
وڃي ڪيچ ڏٺوم پُٺيءَ لڳي جن جي.
حسيني 12/33

جت وسهن بہ آهي:

وڏي وس هئا ٻاروچا پنهور ۾،
وڃي ڏور پيا سانگن پٺي سپرين!
حسيني 5/2

جت ٻانهن ٻيلي بہ آهي:

جتا شال جئو، جئو تا جاڙون ڪرئو،
ٻانيڻ جو ٻروچ ريءَ ٻيلي ناهہ ٻئو.
ديسي 1/15

جت بلوچن ڪي گهگهيرو سڏيندي لطيف سائين چوي ٿو:

مونکي نتا نين، جت ملڪ پانهنجي،
جي گهگهيريون گڏين، تہ ٻئن ڪان ٻيٽو ڪريان
حسيني 11/35

جتن ڪانسواءِ سريس بہ نٿي:

جيجل جتن جي لڳي جيءَ ڪي جهوري!

لطيف ڪي جتن جي جهوري هئي تہ جتن بہ شاهہ ڪي وساريو ڪونهي. اڄ بہ رسالو انهن جي ڪارن پوتين ۾ پٽڪن ۾ ٻڌل نظر ايندو، جنهن ڪي هو ائن جي وڳن سان جهر جهنگ ساهہ جيان سانديو وتن.

پٺائي صاحب جون جتن سان رتيءَ جون رهاڻيو هيون:

رتيءَ جي رهاڻ جي اڙايم جت سين.
سسئي آبري 5/19

هو جتن ڪاڻ ڪيئي وتاڻ ووڙي ٿو ۽ پوءِ آخري اها آس تہ:

سومون ٿورو لاءِ، جيئن جيئري ملان جت ڪي.
سسئي آبري 1/1

هيترا جتن ڪرڻ جي باوجود به هو ڏسي ٿو:

اٺ ويري اوٺار ويري، ويري ٽٽڙم ڏير
ديسي 1/27

اجان به اڳتي درد جو اظهار اجهو هيئن ٿو ڪري:

ڪاڪيون رات قيام، جيڏيون جت ڪري ويا.
ديسي 4/1

جڏهن سڀ آسون پلجي وڃن ٿيون، چوي ٿو:

ڪوءِ ٻولي ٻن ٻروچ، گهوري ذات جتن جي،
مونکي ڇڏي لوچ، پاڻ پيهي وڃا ڇپرين.
حسيني 2/13

اُٺ ۽ اوٺار هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن، ڀٽائي صاحب اُنن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ۽ صفتون بيان ڪيون آهن.

شاهه سائين اٺن جا ڪيئي نالا ڳڻايا آهن: اٺ، چانگو، ڪرهو، پور، ميو، ليڙو، ڏاگهو، گورو، توڏو، بوتو، گنگو، ڪنواٺ، اڍ، انبرا، ڏاچي، پور، هرو، بختي، دوَڪ، چٺوسال، پانچارو، نيش، مهري ۽ لاڏو وغيره انهن جون خاصيتون آهن. هو اُٺ جو ملهه ڪروڙن ۾ ڪٿي ٿو:

لڪ لاڪيٽو ڪرهو، ڪوڙئين ڏيئي ڪاهه،
ايلاچون آهر ۾، پوڄ ميي ڪي پاءِ،
ڪٽ نه ڪندو ڪا ۽ جُ پلاٽئو ته پري مڙي.
ڪنيات 2/47

لڪ لاڪيٽو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳڏومر،
اگڻ سونهن ٿيوم، مل مهانگو ته ڇئو!
ڪنيات 2/45

ڀٽائي صاحب جي هن ڪردار جون عجيب ڪيفيتون آهن، هو لڪي لاٽي به ڪائي ٿو ۽ اڪ تي به الهي ٿو پوي ۽ ڪڏهن پنجين لکين پن واريون ڪروڙن جون ڪائيون (ٿاريون) ٿو ڪائي.

سر مومل راڻي ۾ به لطيف سائين جي هن دادلي ڪردار کي ڏسو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آڪون ڏاڪون سرڪنڊ شاخون، جت چوڪا چندن ڪئونر،
ميي سيئي ماڻيا، جت نہ پرن پنيور،
ڪنئاريون ۾ ڪنور، ڪاھ تہ پسون ڪاڪ جا.

اھو سڀ پڙھڻ ڪان پوءِ اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ شاھ لطيف لاءِ جت ۾ انهن جا اُٺ ڪيڏا نہ اھم آھن، پرپوءِ بہ ھو چئي ٿو ڏئي:

گھوڙن ھنيون گھٽيون، اٺن ھنئين آءُ
جيڪا نيھن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيئن پوندي مامري.

حسيني 11/12

مهاڻا ۾ مي (ميد) بہ شاھ جي ڪلام ۾ اھم جاءِ والارين ٿا. جيئن جت اٺن سين لاڳاپيل آھن، تيئن مهاڻا ٻيڙيءَ سين. ٻيڙي ھنن جي روزگار جو ھلڻ آھي، ٻيڙي ھنن جو گھر آھي ۾ ٻيڙي سفر جو ذريعو بہ آھي. ٻيڙي جا بہ ڪيترائي نالا ۾ قسم آھن: ٻيڙي، دنگي، غوراب، جهاز يا جهاج، مڪڙي يا مڪڙو، ھڙي يا ھوڙو وغيره.

ساڳي ريت مهاڻو مڇي بہ ماري ٿو، وڻج واپار بہ ڪري ٿو، شڪار بہ ڪري ٿو، مهاڻو شڪاري بہ آھي، سوداگر واپاري بہ آھي. لطيف سائين ٻيڙي ڪي دعا ڪئي آھي:

لڙ لهريون لس ليٿ، جتي اَت نہ آب جو،
الله اُت مَ اوليين، ٻيڙا مٿي ٻيٺ،
جوکو ٿئي مَ جهاز کي، ڦرھي اڇي مَ ڦيٽ،
لڳي ڪا مَ لپيٽ، ھن غاريبي غوراب کي.

سري راڳ 1/11

سڙھ سوان، لاڄو نوان، مهاڻا سندن مير،
ساٿي سفر ھليا ٿيا سٽاوا سير،
جي اچن ساڻ اُڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجھ سين!

1/13

ان ٻيڙي جي حفاظت لاءِ لطيف سائين مهاڻي کي تاڪيد ڪري ٿو:

وينو تن تنينس، مک ڏيھاڙي مڪڙي،
سنباھي سيد چئي، مٿي نيڍوءَ نينس،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وٽائي وڏاندرا لاهو لڳائينس،

آخر اهرائينس، تہ جوکو ٿئي نہ جهاز کي.

سريراڳ 3/7

جوڙي جنگ جهاز کي ڪوڏ هٽائج ڪير

سريراڳ 5/10

مهاڻا ۽ مهاڻن جا وسيلا بہ ڀٽائي لاءِ اهم آهن، هو انهن کي ڏاڍي سهڻي انداز ۾ پيش ڪري ٿو.

ککي هاٽيون ڪاريون ڇڇي هاٽا ڇڇ

ڪاموڏ 1/10

ڪاريون ڪوجهيون ڪوڙيون مور نہ موچاريون

ڪاموڏ 1/11

مڏ مياٽيون مڪڙا مڙئي معاف ٿياس

ڪاموڏ 1/24

مهاڻي کي مير، ملاح، ساٽي، ۽ مي (ميد) سان سڏي ٿو. ٻهہ، مڇي، لوڙهہ ڪوٽيون ۽ گند وغيره. ٻانڌا ۽ مڏ رڇ ۽ مياڻ اهڙي خوبصورت نموني سان بيان ٿو ڪري جو انهن جي سونهن نرالي ٿيو پوي.

وڻج ۽ واپار لاءِ ويندڙ سامونڊين کي دعائون:

اُهريا جٿائين، ڊُکن تڙائيين،

سامونڊين سائين، واءُ سٽائو وارييِن!

سامونڊي15/1

مٿي ذڪر اچي چڪو آهي تہ سنڌي وڻجارا ڏيساور واپار سانگي ۽ پنهنجا ٻيڙا هاڪاري ويندا هئا.

لنڪا لنڪا ڪن لءِ لنڪا جي اوهرئا

سامونڊي 3/17

هو اجان بہ اڳتي ملڪان ملڪ وکر وهائڻ ۽ وڪڻڻ ويندا هئا:

کوهن سر وائنٽيون، وائنٽين سر ڳنڊ،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيڙي ڪيڙي ڪنڌ ماءِ سامونڊي آئيا.
سامونڊي 2/21

هو جي واپار سانگي سمنڊ مان ٻيڙا هاڪاري ڏور بندرگاهن ڏانهن ويندا هئا ته انهن کي موٽڻ ۾ به ڪافي عرصو گذري ويندو هو:

سامونڊي ساري ماءِ مهجو جندڙو،
بندر ويچاري، وڃي لايا ڏيهڙا!
سامونڊي 1/17

۽ واپسيءَ جو منظر:

لاڄو ٿا لون، اچن سڙهه اپٽئا
سامونڊي 2/12

هوتورا ڏينهن رهي وري اسهڻ جي ڪن:

لاهيندي ئي ڪن ڳالهيون هلڻ سنديون،
ڏيندا مون ڏکن، وه وڃهندا ڄندڙو!
سامونڊي 1/32

آئي اتر منڊ، هيين اڌڪو نه لهي،
وٽين لاڄوبند، ٻيهر مکين ٻيڙيون.
سامونڊي 2/11

سُر گهاتو ۾ مهاڻن کي خطري کان خبردار ڪندي چوي ٿو:

ڪو جو ڪهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪونه ڏئي، ته رڇ ڪڄاڙي رنڊيا.
گهاتو 1/3

ڪاهي وڃو ناڪئا ڪرئو ٻُڙي تي ٻچ،
گهاتو گهر نه آئيا.
ڪن ڪڙڪو ڏاڍو اتو اڳيان اڇ،
گهاتو گهر نه آئيا .
گهاتو1 / وائي (36)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## جتن ۽ مهاڻن جي آمدنيءَ جا وسيلا:

ساحلي پٽيءَ جي جتن ۽ مهاڻن جي گذران جا وسيلا هي آهن: پاڻي، زراعت، مالوندي، ٻيلا ۽ مڇي.

## پاڻيءَ جا وسيلا:

هي ٻن حصن ۾ ورهايل آهن: (1) ساموندي يا کاروپاڻي، **(2)** مٺو ۽ تازو پاڻي

## کارو پاڻي:

انڊس ڊيلٽا دنيا جو يڪتا ڊيلٽا آهي،جنهن کي پنهنجو ڪريڪ سسٽم آهي، جنهن ۾ 17 وڏيون ۽ سؤ کان مٿي ننڍيون ڪريڪس آهن. مهاڻا پنهنجا ٻيڙا انهن ڪريڪس جي ذريعي ٻاهر وڏي پاڻيءَ ۾ ڪاهي وڃي مڇي ماريندا آهن. انهن کارين ۾ بہ مڇي ماري ويندي آهي. کارين جي ڪنڌين تي هنن جا پڪا اڏيل هوندا آهن. انهن کارين جي وڻن جي اوٽ ۾ هو پنهنجون ٻيڙيون آسانيءَ سان بيهاري سگهندا آهن. جهينگو ۽ ڪريب انهن وڻن جي هيٺان، جتي پاڻيءَ جو زور گهٽ هوندو آهي، پنهنجا آنا لاهي ٻچا وڏا ڪنديون آهن. کارو پاڻي مهاڻن جي روزگار حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجيو پوي.

## مٺو پاڻي:

مٺو پاڻي انسانن، جانورن، پکين، وڻن ۽ ٻوٽن لاءِ جياپي جو اهم ذريعو آهي. ساموندي لوڪن لاءِ مٺي پاڻي حاصل ڪرڻ جا بہ ذريعا آهن: هڪ سنڌو درياهہ ۽ ٻيو برسات. هتي جي رهواسين جو جياپو مٺي پاڻيءَ تي آهي. سنڌو درياهہ ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن کان پاڻي نہ اچڻ ڪري سموري زندگي متاثر ٿي آهي. مٺي پاڻيءَ جي اڻهوند سبب درياهہ جي پيٽ ۾ کارو پاڻي چڙهي آيو. تمر جي ٻيلن جي واڌ رڪجي وئي، مڇي خاص طور پلي جي پيداوار گهٽجي وئي، ٻيلا ختم ٿي ويا ، مال ۾ گهٽتائي آئي ۽ پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ ٿي ويو.

## زراعت:

زراعت ڊيلٽا جي ماڻهن جي گذران جو اهم ذريعو آهي. جت قبيلي جا بہ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گهٽا ماڻهو هن پيشي سان وابسته آهن. سنڌو درياهه ۾ گذريل اڌ صديءَ کان اڳ 150 (MAF) پاڻي ايندو هو، جنهن سان 400 ملين ٽن سلٽ گڏ هوندو هو. ان وقت ڊيلٽا ئي لوڪن جي زراعت زورن تي هئي. رتڙيو چانور، ڪجين جا باغ، ناريل ۽ سوپارين جا باغ هئا. مختلف سببن ڪري اهو پاڻي گهٽجي 1955ع ۾ 79.9، 1976ع ۾ MAF 35.2 ۽ 1991ع جي پاڻيءَ جي معاهدي ڪانپوءِ MAF 10 کان به گهٽجي ويو. نتيجي طور سنڌ جي زراعت تباهه ٿي وئي.

## مالوندي : Live Stock

ڊيلٽا جي گهڻن ماڻهن جو گذران مالونديءَ تي به آهي، خاص طور تي جت قبيلا اُنن جي وڳن سان سامونڊي ڪناري پيا ڏسبا آهن. جت قبيلي جي پاڙن مان فقيراڻي، دبائي ۽ عيسباڻي خاص طور اُنيون چاريندا هئا، جن جو تعداد 16000 جي لڳ ڀڳ هو.

2000ع جي آدمشماريءَ مطابق اهو تعداد 3000 تي وڃي پڳو، هاڻ ٻڌون ٿا ته ان ۾ ڪجهه اضافو آيو آهي. ڀٽائي صاحب اُنن جا ڪيترائي نالا رسالي ۾ ڏنا آهن: اُٺ، چانگو، توڏو، ميو، بوتو، ڪرهو، انراڻ، ڏاچي، ڪنواٽ، پور، هرو، ڏاگهو، ليڙو، گورو، بختي وغيره، لاڏو ۽ مهري ان جون خاصيتون آهن. اُنن کان علاوه مينهون، ڳئون، رڍون ۽ ٻڪريون پڻ ڌاريون وڃن ٿيون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اُنن، مينهن ۽ ٻڪرين جو ذڪر ملي ٿو. هن لاءِ اُٺ ويري به آهي ته واهرو به آهي.

## ٻيلا:

انڊس ڊيلٽا تمر (مينگروو) جي ٻيلن ڪري دنيا ۾ اهم حيثيت ماڻي چڪو آهي. دنيا جي 112 ملڪن ۾ 181399 اسڪائر ڪلو ميٽرن تي مينگروو جا ٻيلا آهن. اسانجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ان وڻ کي تمر سڏيو وڃي ٿو. سنڌ ڪوسٽ تي 1977ع ۾ 263000 هيڪٽرز تي مينگروو جا ٻيلا موجود هئا، جيڪي 1991ع ۾ 160000 هيڪٽرز تي وڃي بچيا. IUCN جي هڪ رپورٽ مطابق سن 2000ع ۾ اهي ٻيلا 73000 هيڪٽرز تي وڃي بچيا هئا.

تمر جي ٻيلن جي تباهيءَ جو اهم ڪارڻ به مٺي پاڻيءَ جو درياهه ۾ نه اچڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي. جتن جي اٺن چارڻ سان گڏ، مڇي مارينڌڙن جي ٻارڻ جو ڪم ڏيڻ تائين هن وڻ جا تمام گھڻا فائدا آهن. هي وڻ سامونڊي ڪاڏ کي روڪين ٿا. عمارتي ڪاٺ، ٻارڻ جو ڪاٺ، ڪوئلو ۽ ماکيءَ جي پيداوار بہ هنن ٻيلن مان حاصل ٿئي ٿي. تمر جا وڻ مڇيءَ جي ٻچن لاءِ نرسري جو ڪم ڏين ٿا. هن جا پن گاهہ جي ڪتب آندا ويندا آهن. مڇي نہ مرڻ جي حالت ۾ غريب لوڪ هن جو ڪاٺ وڍي وڪڻي گذران ڪن ٿا. هن وڻ جي تباهيءَ جا ڪارڻ: پاڻيءَ جي ڪوٺ، اٺن جو چرڻ، لتاڙڻ، ڊيلٽا ۾ سلٽ جو نہ اچڻ، گھٽي واڌي ڪرڻ، نندين ٻوٽن کي گاهہ طور استعمال ڪرڻ، تمر جي علائقن ۾ قبضا ڪري زمين جو ٻئي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ، تيز لهرن جو اچڻ، گپ ۽ سمنڊ جو چاڙهہ وغيره بيان ڪيا وڃن ٿا.

### مڇي:

ڊيلٽائي لوڪن جي گذران جو خاص ذريعو مڇي آهي. ڊيلٽا جي آبادي ڏهہ لک آهي، ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ جي هڪ رپورٽ مطابق 100000 ماڻهن جو گذران فقط مڇيءَ تي آهي. انهن ۾ جت ۽ مهاڻا شامل آهن، جيڪي هُڙي، هوڙهو، وڏي ٻيڙي ۽ ٽرالر مڇي مارڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. شاهہ عبداللطيف ٻيڙين جا ڪيئي قسم بيان ڪيا آهن. ٻيڙي جي ٻين اوزارن ۽ شين جا نالا هي آهن: ڪوهو، سڙهہ يا بادبان، فرش، گرسي، چپو، ٻاتي، ڍاتي، ڪاٻار، سڪاڻ، ڪلنپو، رسو، چرخ، ڪال، ڪل، پاڍولي، بانبٽي آڱل، پاڇل، باندول، ڪچو، مناهين، منو، اڏيريون، گج، وٽيو، لانگ، اولو، مَرڪ، ڊمڻ، ڪپي، شيخلو، ڳنڍ، پڳهہ، نگر، ناتاري ۽ منجڻ وغيره.

### مڇي مارڻ جا اوزار:

ڍڪ، راجو ڄار، رڇ، رگ، ڄاري، رڇڙو، آر، پن، گُجو، ڪُنڍي، رَاڏا، ڪُنڊا، چپرداٽي ۽ هاٽي بولو گجو ۽ ڪترو گهٽو استعمال ڪيو وڃي ٿو، جنهن مڇيءَ جي تباهي ڪري ڇڏي آهي.

### مول يا دلال:

مهاڻا اڪثر مول جا قرضائي هوندا آهن. دلال مهاڻن کان سستي اگهہ تي مڇي خريد ڪري ڪراچي مارڪيٽ ۾ سٺي اگهہ تي وڪڻندا آهن. ننڍي ٻيڙيءَ ۾



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ماريل مڇيءَ جون 5 پٽيون ۽ وڏي وچولي ٻيڙي جو 8 پٽيون ڪيون ويندبون آهن، وڏي ٻيڙي ڪي پٽين ۾ هن طرح ورهايو ويندو آهي:

| | |
|---|---|
| ٻيڙي | 1 |
| ريچ | 3 |
| انجڻ | 2 |
| ٻيڙي جو ڏٽي مزدور | 1 |
| ناکئو | 2 |
| خلاصي | 9 |
| بورچي | 1 |
| ٻيڙي هلائڻ وارو | 1 |
| ٽوٽل پٽيون | 20 |

عورتون بہ گهٽو ڪم ڪنديون آهن، جنهن ۾ مال جي گاهہ لاءِ تمر جا پن ميڙڻ، گند مڇي سڪائڻ، سڙهہ جي مرمت ۽ مڇي وڪڻڻ جو ڌنڌو شامل آهي.

## مڇيءَ جي پيداوار گهٽجڻ جا سبب:

مٺي پاڻيءَ جي کوٽ، حڪومت جي قانون جي پڪڙي ڪندي بولو گجو ۽ ڪترو رڇن جو استعمال، گهٽي مڇي مارڻ جو رجحان، مينگروو ٻيلن جي تباهي، جتي نرسري پروان چڙهي ٿي ۽ غير ملڪي وڏن ٽرالرن جو جديد ٽيڪنڪ سان مڇيءَ جو صفايو ڪرڻ واري حوس وغيره.

## تجويزون:

**1. مٺي ۽ تازي پاڻيءَ جي کوٽ جت ۽ مهاڻا قبيلن جو اهم مسئلو آهي، هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هي اُپاءُ وٺڻ جي ضرورت آهي:**

1. ڊيلٽا جي سيني شهرن ۾ پڪين وسندين کي واٽر سپلاءِ اسڪيمون ڏنيون وڃن.
2. جن ڳوٺن ۾ اسڪيمون نہ ڏيئي سگهجن، اتي وڏا واٽر ٽئنڪ ٺهرائي انهن کي پڪين نالين ذريعي اريگيشن ڪئنال مان پاڻي پهچايو وڃي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

3. برسات جي پاڻي اسٽور ڪرڻ لاءِ ڳوٺن ۾ پڪا تلاءُ تعمير ڪيا وڃن.
4. انڊس ڊيلٽا جي هر گهر کي نلڪو (Hand Pump) مهيا ڪيو وڃي.
5. هر يونين ڪي هڪ ڪان وڌيڪ واٽر ٽئنڪر ڏنا وڃن جيئن اهي ڳوٺن ۾ پاڻي پهچائين.
6. ڪريڪس جي ڪنڊين تي قائم مهاڻن جي عارضي وسندين کي ٻيڙين ذريعي پاڻي پهچائڻ جو بندوبست يونين ڪائونسلن تي رکيو وڃي.
7. درياهه جي ڇوڙ وٽ ڪنڌيءَ تي وڏا ۽ ويڪرا تلاءُ ٺهرائي مٺو پاڻي بيهاريو وڃي. زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 50 ڪان 55 MAF پاڻي ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ ڊائون اسٽريم ۾ ڇڏيو وڃي.

## 2. مڇيءَ جي واڌ جي سلسلي ۾ هيٺيان اُپاءُ وٺڻ گهرجن:

1. جهينگي جي افزائش لاءِ مينگرووَ علائقن ۾ نرسريون قائم ڪيون وڃن.
2. انهن نرسرين ۾ مڇي مارڻ تي پابندي وڌي وڃي.
3. مينگرووَ جا باغ وڌايا وڃن.
4. فاريسٽ، فشريز ۽ مقامي لوڪن تي مشمل ڪميٽيون ٺاهي انهن ڳالهين تي عمل يقيني بنايو وڃي.
5. تباهي آڻيندڙ رڇن جي استعمال تي حڪومتي پابندين جي قانون تي عمل ڪرايو وڃي.

## 3. ڪيٽي بندر کي مڪمل بندرگاهه جو درجو ڏيئي جيٽي تعمير ڪئي وڃي ۽ لوڪل مارڪيٽ کي هٿي ڏني وڃي.

1. فشر مين ڪو آپريٽو بئنڪ ٺاهي، ان ذريعي ڪاروبار کي هٿي ڏني وڃي. ان جو هيڊ ڪوارٽر ڪيٽي بندر ۽ برانچون ڪاروڇاڻ، شاهبندر ۽ ٻگهاڻ ۾ قائم ڪيون وڃن.
2. نئون مارڪيٽ سسٽم ٺاهيو وڃي.
3. ڪيٽي بندر، کاري ڇاڻ ۽ ساڪري مان جيڪي سرڪاري آفيسون ٻين شهرن ڏي منتقل ڪيون ويون آهن، اهي واپس ڪيون وڃن.
4. مهاڻن لاءِ پراويڊنٽ فنڊ قائم ڪيو وڃي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

5. ڪيٽي بندر يا شاهبندر ۾ فش پروسيسنگ پلانٽ ناهيو وڃي.
6. ڪراچي فش هاربر کان ڪيٽي بندر تائين سرڪاري فيري سروس سروع ڪئي وڃي.
7. فوڊر پائلٽ پروگرام ناهي، چرا وڌايا وڃن، چوپائي مال جي پرورش جا فارم ناهي جتن حوالي ڪيا وڃن.
8. اتن ۾ مليرين ڳئن جا فارم قائم ڪري، انهن جو انتظام جتن جي حوالي ڪيو وڃي.
9. مينگروو جي نقصان روڪڻ لاءِ ٻيا وڻ پوکيا وڃن ته جيئن تمر تان ٻارڻ جي ڪاٺ ۽ ٻي واڍي جو بار هلڪو ٿئي.
10. فارسيٽ کاتي کي فعال ڪيو وڃي جتن کي پن چري تان تنگ نه ڪيو وڃي ۽ انهن تان پن چري معاف ڪئي وڃي.
11. تعليم ۽ هنرن جي سکيا لاءِ خاص اسڪول قائم ڪري ٻارن لاءِ لازمي اسڪالرشپ اسڪيم قائم ڪئي وڃي.
12. ڪيٽي بندر، کاري چاڻ ۽ شاهبندر سميت سموري انڊس ڊيلٽا ۾ اسپتالن جو چار وڇايو وڃي جتي مفت دوائون مهيا ڪري ڏنيون وڃن.

**4. غربت ۽ بيروزگاري دور ڪرڻ لاءِ هيٺين اپائن جي ضرورت آهي.**

1. ڪيٽي بندر کي وڏي بندر گاهه بڻائڻ وارو واعدو پورو ڪيو وڃي.
2. هر وسنديءَ کي بچاءُ بند ناهي ڏنو وڃي.
3. ڪولڊ اسٽوريج تعمير ڪرايا وڃن. جتن ۾ مهاڻن کي سرڪاري ملازمتون ڏيئي بيروزگاري ختم ڪئي وڃي.
4. ڪيٽي بندر يا کاري چاڻ ۾ ميٽ آفيس قائم ڪئي وڃي.
5. ڇوڪرين جا اسڪول کوليا وڃن.
6. گٽڪي ۽ نشي دارشين جو واهپو مڪمل ختم ڪرايو وڃي.
7. ڪيٽي بندر، کاري چاڻ ۽ شاهبندر ۾ ٽوئرسٽ هٽس ناهي سياحت کي وڌايو وڃي.
8. مٽي پاٽيءَ جي ڳولا ڪئي وڃي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

9. مقامي ماڻهن ۽ سرڪاري عملدارن تي مشتمل ڪميٽيون ٺاهيو وڃن جيڪي مٿي ذڪر ڪيل ڪمن جي نگراني ڪن.
10. غريب جتن ۽ مهاڻن کي ٻيڙيون ۽ رڇ مفت ڏنا وڃن.

## حوالا


1. Haig. MR. Maj Gen, The Indus Delta Country, Indus Publications Freed Chambers Victoria Rd. Karachi, 1972, P 32.
2. Maneck B. Pitha Wala Professor, A Physical and Economic Geography of Sindh, Adabi Board Hyderabad Sindh, First Impression, 1959, Second Impression 1976, P 103.
3. Maneck B. Pitha Wala Professor, A Physical and Economic Geography of Sindh Adabi Board Hyderabad Sindh, First Impression, 1959 Second Impression 1976 (P/142)
4. Development Statistics of Sindh 2008, Burea of Statistics planning and Development Government of Sindh Karachi 75600, Printed at Sindh Government Press Karachi, 2008 (P/14).
5. E Blatter S.J Ph.d C Mac Cann TS Sabins, The Flora of Indus Delta, Printed and Published for the Indian Botanical Society, the Methodist Publishing house Madras, 1929 (P/3).
6. Manech Pithawalla, A Physical and Economic Geography of SIndh, Sindhi Adabi Board Hyderabad, Sindh, First impression 1959, second impression 1976, P-278.
7. Molai Sheedai, Tareekh Tamedan-e-Sindh, Hyderabad Sindh University Press, 1959, (P/60).
8. Haig M. R., The Indus Delta Country, Indus Publications, Farid Chambers Victoria Road, Karachi, 1972, (P-9)
9. قدوسي اعجاز الحق، تاريخ سنڌ - حصہ دوم، سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد 1974ع، ص: 350.
10. مرزا قليچ بيگ، سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، سنڌي ادبي بورڊ 1966 ص: 92.
11. مرزا قليچ بيگ، سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، سنڌي ادبي بورڊ 1966 ص: 93.
12. Alexander F. Baillie, Kurrachee Past Present and future Karachi Oxford University Press London New York Delhi 1975 (P/2).
13. Siddiqi Mohammed Ismail, the fishermen's Settlements on the cast of West Pakistan Selbstverlag DES Geograpshichen Institutes Det Universitat 1956 (P/39).
14. Nicholas Postagate David Hawkins Bary Kemd, the Awakening of Man I London First English Edition Printed in France by Brodardet Taupin Pairs for The Hamlyn Publishing group 1969 (P/61).
15. Davies HA, M.A, An Out Line History of the World, Oxford University Press LONDON, Geoffrey Cumberlege 1954 (p.p 59-68).
16. Siddiqi Mohammed Ismail The Fishermen's Settlements On The Coast Of West Pakistan IM Selbstverlag, DES Geographichen Institutes Det Universitat Kiel 1656 (P/25).
17. مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن، 1959ع، ص: 60.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

18. Panhwar H.A Chronological Dictionary of Sindh (From Geological Times to 1539 AD) Jamshoro, Sindh Pakistan Institute of Sindhology University of Sindh. (1983 (P/117-120).
19. Panhwar H.A Chronological Dictionary of Sindh (From Geological Times to 1539 AD) Jamshoro, Sindh Pakistan Institute of Sindhology University of Sindh. (1983 (P/128)
20. Panhwar H.A Chronological Dictionary of Sindh (From Geological Times to 1539 AD) Jamshoro, Sindh Pakistan Institute of Sindhology University of Sindh. (1983 (P/212-220).

21. قليچ، بيگ، ”قديم سنڌ ان جا شهر ۽ ماڳهو“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع، ص: 304.

22. قليچ، بيگ، ”قديم سنڌ ان جا شهر ۽ ماڳهو“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع، ص: 321.

23. مولائي، شيدائي، ”تاريخ تمدن“، سنڌ يونيورسٽي پبلڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1959ع، ص: 26-129.

24. ميمڻ، سراج الحق، ”سنڌي ٻولي“، عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1964ع، ص: 20.

25. H T Sorly, Gazetteer Of West Pakistan The Former Province Of Sindh, Published Under The Authority Of Government Of West Pakistan Karachi West Pakistan Government Press 1968 (P/250).

26. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”جتڪي ٻولي“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 1424هه/ 2003ع، ص:12.

27. ٻوهيو، الهداد، ”سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سيپٽمبر 1978ع، شوال 1290ع، ص: 115.

28. آڏواڻي، ڀيرو مل مهرچند، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، 1980ع، ص: 386.

29. آڏواڻي، ڀيرو مل مهرچند، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، 1980ع، ص: 68.

30. نظاماڻي، نور محمد، مولوي، ” سنڌ جي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1999ع، ص: 19.

31. نقوي، منظور، سيد، ”سنڌ جي مدنيت“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، ڇاپو: پهريون 1969ع، ڇاپو: ٻيو 1978ع، ص: 104، 107.

32. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1979ع، ص: 9.

33. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”جتڪي ٻولي“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ، 1424هه/ 2003ع، ص:19-23-24.

34. ٻوهيو، الهداد، ”سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سيپٽمبر 1978ع، شوال 1290ع، ص: 117.

35. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1979ع، ص: 7.

36. Shah Jo Risalo, Compiled by: Hotchand Molchand Gurbakshani, Sindhika Academy, B24 National Auto Plaza, Marston Road, Karachi, 2008.
(سمورن بيتن جي پڙهڻي گربخشاڻي واري رسالي جي ڏني وئي آهي).


Shah Abdul Latif Bhitai Chair